# سنڌي ٻوليءَ جي

# نصاب تي

# نظر ثاني رپورٽ

## درجو (IX - X)

## (سُڌارا ۽ واڌارا)

**12 — 09 مئي2017ع**

**پاران:**

**اداره نصابءِ توسيع تعليم سنڌ، ڄامشورو**

## تدريسي مقصد (Objectives)

**ابتدائي سطح:**

سنڌي تدريس وسيلي شاگرد اُن لائق ٿي سگهي ته:

1. سنڌيءَ ٻوليءَ جي اکرن، بنيادي لفظن ۽ سادن جملن جي جوڙ جڪ ڄاڻي سگهي.
2. سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ڪيل ڳالهه ٻولهه ٻُڌي، اُن جو مطلب سمجهي ۽ اُن جو عام تجزيو ڪري سگهي.
3. سنڌي ٻوليءَ جو روزمره استعمال ڪري ۽ ڳالهه ٻولهه ڪري سگهي.
4. نظم ۽ نثر جي صورت ۾ سنڌي پڙهي، شاعر ۽ ليکڪ جو بيان ۽ مقصد پروڙي سگهي.
5. سنڌيءَ ۾ لکي پنهنجو عام ۽ سادو مطلب بيان تائين پهچائي سگهي.
6. عملي زندگيءَ جي عام بنيادي لساني ضرورتن کي سنڌيءَ جي مدد سان پورو ڪري سگهي.

**وچولي سطح:**

سنڌي تدريس وسيلي شاگرد اُن لائق ٿي سگهي ته:

1. سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي جوڙجڪ ۾ مرڪب جملن تائين فهم حاصل ڪري سگهي.
2. سنڌيءَ ۾ ڳالهه ٻولهه، تقريرن ۽ خطبن کي ٻڌي، انهن کي سماجي ۽ اخلاقي حوالن سان سمجهي سگهي.
3. سنڌي ٻوليءَ ۾، روزمره جي ڪاروهنوار ۾ پنهنجي راءِ ڪتب آڻي ڳالهه ٻولهه ڪري سگهي.
4. ٻوليءَ، انسان ۽ فطرت جي لاڳاپي کي، نظم ۽ نثر جي صورت ۾ پڙهي سمجهي سگهي.
5. سنڌيءَ ۾ لکي روزمره جي ڪم ڪار، مشاهدن، تجربن، خيالن ۽ راين کي بيان ڪري سگهي.
6. عملي ۽ قومي زندگيءَ جي روزمره وارين بنيادي لساني ضرورتن کي سنڌيءَ جي مدد سان پورو ڪري سگهي.

**ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي سطح:**

سنڌي تدريس وسيلي شاگردن اُن لائق ٿي سگهي ته:

1. سنڌيءَ جي زبان شناسيءَ تي مڪمل عبور حاصل ڪري سگهي.
2. سنڌي ٻوليءَ ۾، احساسن، جذبن، خيالن ۽ تصورن جي حوالي سان ڪيل ڳالهه ٻولهه جو مڪمل ادراڪ ڪري سگهي.
3. سنڌيءَ ۾ پنهنجو مافي الضميرحوالن سميت ڳالهه ٻولهه، گفتگوءَ ۽ تقرير وسيلي سمجهائي سگهي.
4. سنڌي نظم ۽ نثر جي صورت ۾ موجود ادب پارن، صحافت، دفتري ۽ ڪورٽ جي گهرجن، جديد علمي ۽ ٽيڪنيڪي تقاضائن جي حوالي سان لکڻين کي پڙهي، انهن جو پورو فهم حاصل ڪري سگهي. انهن کي ساراهي سگهي ۽ انهن تي تنقيد پڻ ڪري سگهي.

5. سنڌيءَ ۾ خيالن، جذبن، احساسن، تاثرات، تصورن ۽ سماجي گهرجن جي حوالي سان صاف ۽ سهڻيون لکڻيون پيش ڪري سگهي.
6. عملي زندگيءَ جي ادبي، صحافتي، دفتري، عدالتي، علمي، ٽيڪنيڪي ۽ ٻين سماجي گهرجن ۾ سنڌيءَ ٻولي ڪي مهارت سان ڪتب آڻي سگهي.

| مرحليوار حدَ (Benchmark) | | ڪلاس نائين کان ڏهين تائين |
|---|---|---|
| مرحليوار مقصد | معيار (Standard) | 1.جملي جي مختلف نحوي تقطيع ڪري سگهي.<br>2.مختلف ضرورتن جي لحاظ سان پسند ڪري سگهي. |
| | دليلَ (Rationale) | 1.علمر نحو جا بنيادي اصول سيکاريا ويا آهن. |
| | | |
| مهارت<br>(Skill) | | سکيا جي حاصلات (Learning Outcomes) |
| | | 10-9 |
| | زبان شناسي<br>(Language Cognition) | 1. جملي جا ترڪيبي جزا ڀڃائي ۽ جملي جو ڇيد جُزن ۾ ڪري سگهي.<br>2. فاعلي ۽ مفعولي جملن ۾ گرامر موجب فرق ڪري سگهي.<br>3. ٻٽي معنىٰ وارن لفظن کي ڪتب آڻي سگهي ۽ انهن کي عبارت مان چونڊي ڌار ڪري سگهي.<br>4. عبارت ۾ تشبيهه، استعاري، ڪنايي ۽ مجاز مرسل کي سڃاڻڻ سان گڏ غلط فقرن کي صنايع بدايع جي حوالي سان درست ڪري سگهي.<br>5. شاعريءَ جي ٻين اصطلاحن جي وصف ۽ مثال ڄاڻي سگهي. جهڙوڪ: سٽ، مصرع، بند، مطلع، مقطع، قافيو، رديف وغيره.<br>6. جملي جي مبتدا ۽ خبر جي ڄاڻ سان گڏ اُن جو ڇيد ڪري سگهي.<br>7. غلط فقرن ۽ جملن کي روزمره جي محاورن جي حوالي سان درست ڪري سگهي.<br>8. مختلف ادبي صنفن ۾ فرق سمجهي سگهي ۽ ان فرق جي روشنيءَ ۾ فنڪارن کي سمجهي سگهي.<br>9. ادبي، صحافتي، دفتري، قانوني ۽ ٽيڪنيڪي تحريرن جي مواد ۽ انداز بيان ۾ فرق ڪري سگهي.<br>10.بيت، نظم، ڪافي، گيت ۽ غزل ۾ هيئت جي لحاظ کان فرق ڪري سگهي.<br>11.تجنيس خطي ۽ تجنيس تام ۾ فرق ڪري سگهي.<br>12.پنهنجي تحرير کي ڌار ڌار ڏانءُ، انداز بيان ۽ مواد جي حوالي سان لکڻ سکي سگهي.<br>13.اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي مدد سان نوان لفظ ٺاهي سگهي.<br>14.پهاڪا ۽ چوڻيون جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.<br>15.بيهڪ جي نشانين جو درست استعمال ڪري سگهي.<br>16.لفظن جا اشتقاق ڪري سگهي.<br>17.زمان ۽ ان جي قسمن کي جملن ۾ استعمال ڪري سگهي. |

| ڪلاس نائين کان ڏهين تائين | مرحليوار حدَ (Benchmark) | |
|---|---|---|
| 1.ڪنهن تحرير جي سونهن، اَسونهن (ڳڻن، اوڳڻن) جو جائزو وٺي سگهي.<br>2.ڪنهن تحرير جي مرڪزي خيال. اهم نُڪتن، فڪري ۽ معنوي خوبين کي بيان ڪري سگهي.<br>3.ڪنهن تحرير جو تَتُ ۽ تشريح لکي سگهي. | معيار (Standard) | مرحليوار مقصد |
| 1.پسنديدگيءَ جي بنيادي عنصرن جي آگاهي حاصل آهي.<br>2.گذريل لاڳيتي مشق هن ڪم لاءِ ڪافي آهي.<br>3.گذريل مشقن ۾ پسنديدگيءَ جا عنصر شامل ڪري سگهن ٿا. | دليلَ (Rationale) | |
| | | |
| سکيا جي حاصلات (Learning Outcomes) | | مهارت<br>(Skill) |
| 10-9 | | |
| 1. ڪنهن نثر ۽ نظم يا نثري فنپاري جي فڪري ۽ فني خوبين ۽ اوڻاين (ڳڻن، اوڳڻن) کان آگاهه ٿي سگهي، انهن جو خلاصو لکي سگهي ۽ تشريح ڪري سگهي. (تحرير ۽ تقرير)<br>2. ڪنهن فنپاري جو مرڪزي خيال بيان ڪري سگهي.<br>3. ڪنهن فنپاري (نثر ۽ نظم) جو علم بيان ۽ شعري اصطلاحن جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي سگهي. خلاصو لکي يا تشريح ڪري سگهي.<br>4. ڪنهن تحرير (خاص ڪري علمي مضمون) جي حاصل مطلب، لفظي، فڪري ۽ فني خوبين کان آگاهه ٿي سگهي.<br>5. ڪنهن بہ فنپاري جي ادبي مرتبي جو تعين ڪري سگهي. | پسنديدگي ۽ تنقيد<br>(Appreciation and Criticism) | |

| مرحليوار حدَ (Benchmark) | | ڪلاس نائين کان ڏهين تائين |
|---|---|---|
| مرحليوار مقصد | معيار (Standard) | 1.سنڌي زبان ۾ علمي، ادبي مطالعي کي زندگيءَ جو حصو بنائي سگهي.<br>2.سادا فارم وغيره ڀري سگهي.<br>3.ڪمپيوٽر/ ٽيڪنالاجيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال ۾ مهارت حاصل ڪري سگهي.<br>4.مختلف قسم جي ثقافتي ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺي سگهي.<br>5.تخليقي ۽ تنقيدي شعور حاصل ڪري سگهي. |
| | دليلَ (Rationale) | 1.هي سيڪنڊري سطح لاءِ سنڌي زبان جي حاصلات جي تڪميل جي سطح آهي. |
| | | |
| مهارت<br>(Skill) | | سکيا جي حاصلات (Learning Outcomes) |
| | | 10-9 |
| زندگيءَ جون مهارتون<br>(The life skills) | | 1. روزاني زندگيءَ جي تجربن، مشاهدن توڙي علمي، ادبي مطالعي کي عملي زندگيءَ جو حصو بنائي سگهي ۽ اهي ڳالهيون مضمونن، مڪالمن ۽ يادگيرين ۾ شامل ڪري سگهي، جنهن لاءِ ڪتابن جي چونڊ ڪري سگهي.<br>2. ڪنهن اخبار يا ڪنهن ذميدار آفيسر کي درخواست ۽ رو‎ئداد/ ڪاروائي موڪلي سگهي.<br>3. مختلف رسالن مان ڪهاڻيون ۽ مضمون پڙهي، انهن مان نتيجو ڪڍي سگهي ۽ پاڻ ٻه عام موضوعن تي لکي سگهي.<br>4. دفتري حڪمنامن کي سمجهي پڙهي سگهي ۽ ڪمپيوٽر (ٽيڪنالاجي) وغيره تي سنڌيءَ ۾ ڪمپوزنگ ڪري سگهي.<br>5. روزاني زندگيءَ جي حوالي سان روئداد ۽ آپ بيتي لکي سگهي.<br>6. اخبار، ڪمپيوٽر، ٽي وي ۽ سيٽلائيٽ چئنلن وغيره تان معلومات حاصل ڪري ۽ موجوده حالتن، معاشي ۽سياسي مسئلن تي پنهنجو نقط نظر لکي ۽ پيش ڪري سگهي.<br>7. سڌ سماءَ جي ذريعن، ٽيڪنالاجي/ ڪمپيوٽر کي سنڌي ۾ استعمال ڪري سگهي.<br>8. سنڌيءَ ۾ اي ميل ڪري سگهي.<br>9. مختلف راندين، موسيقي، مصوري، ڊرامي ۽ ناٽڪ وغيره ۾ حصو وٺي سگهي.<br>10.بحث مباحثن ۽ مذاڪرن ۾ حصو وٺي سگهي.<br>11.لائبريريءَ جو استعمال ڪري سگهي. |

# اديبن ۽ شاعرن جي فهرست سنڌي لازمي ڪلاس نائون ۽ ڏهون

(هيٺ ڄاڻايل مصنفن جي تحريرن مان مناسب چونڊ ڪئي وڃي. جن ۾ اهو مقصد آڏو رکيو وڃي ته ادب وسيلي زبان جي سکيا/ تدريس ڏني وڃي. سبقن / نظمن جا موضوع ادبي هجن. هر سبق / نظم جي شروعات وقت اديبن/ شاعرن جو مختصر تعارف ڏنو وڃي. هرسبق / نظم جي پڄاڻيءَ تي سبق / نظم بابت سوال/ مشقون شامل ڪيون وڃن. جن ۾ ڪجهه سوال معروضي (Objective) نوعيت جا هجن)

1. **نثر ياڱو**
    1. مرزا قليچ بيگ
    2. پرمانند ميوارام
    3. پيرومل مهرچند آڏواڻي
    4. پير حسام الدين راشدي
    5. سيد ميران محمد شاهه
    6. محمد اسماعيل عرساڻي
    7. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
    8. عطا حسين شاهه موسوي
    9. ليکراج عزيز
    10. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

(مٿي ڏنل ليکڪن مان گهٽ ۾ گهٽ اٺن ليکڪن جي هڪ هڪ مضمون جي چونڊ ڪئي وڃي. مضمون ادبي موضوعن تي هجن، جن جي چونڊ ۾ 'ادب ذريعي زبان جي تدريس کي ڌيان ۾ ضرور رکجي ۽ مضمون طويل نه هجي)

2. **افسانوي ادب**
    1. آغا سليم (ناول جو ٽڪرو)
    2. امر لعل هنگوراڻي (ادو عبدالرحمن)
    3. جمال ابڙو (ڪهاڻي)
    4. نسيم کرل (ڪهاڻي) / غلام رباني آگرو
    5. ماهتاب محبوب (ڪهاڻي) / ثميره زرين
    6. امر جليل
    7. ڪا هڪ اخلاقي لوڪ ڪهاڻي

(هر ڪهاڻيڪار جي ڪابه هڪ ڪهاڻي شامل ڪئي وڃي. ڪهاڻيءَ جي چونڊ وقت شاگردن جي ذهني صلاحيت ۽ اخلاقيات سان گڏ طوالت جو به خيال رکيو وڃي)

3. **ڊرامو/ مڪالمو**

1. علي بابا
2. ممتاز مرزا
3. قمر شهباز

(ڏنل ناٽڪ نويسن مان ڪنهن ہ هڪ جو ڊرامو شامل ڪيو وڃي، ڪوشش ڪجي تہ ڊرامو مختصر هجي ۽ معنوي طرح مڪمل هجي)

4. **سوانح/ خاڪو/ آپ بيتي/ آتم ڪهاڻي**

1. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو (آتم ڪهاڻي)
2. محمد بخش مجنون/ مسڪين جهان خان ڪوسو (سوانح)
3. جي - ايم - سيد (جنب گذاريم جن سين) (خاڪو)
4. عبدالقادر جوڻيجو (شڪليون) (خاڪو)

(آتم ڪهاڻيءَ مان چونڊ حصو ۽ هڪ ادبي خاڪو ڏنو وڃي)

5. **طنزومزاح**

1. علي احمد بروهي
2. نور عباسي
3. ڪروڙپتي
4. حليم بروهي

(ڏنل مزاح نگارن مان ڪنهن ہ هڪ جو مزاحيہ ليک شامل ڪيو وڃي. شاگردن جي ذهني صلاحيت ۽ اخلاقيات ڪي ضرور آڏو رکيو وڃي)

6. **سفر نامو**

1. الطاف شيخ
2. حيدر سنڌي

(سفرنامي جو اقتباس شامل ڪيو وڃي. اهو طويل نہ هجي ۽ معنوي لحاظ کان مڪمل هجي ۽ ان جي چونڊ وقت شاگردن جي دلچسپيءَ کي ضرور آڏو رکيو وڃي)

7. **خط**

1. علامہ آءِ آءِ قاضي (ساهڙ جا سينگار)
2. محمد ابراهيم جويو (ٻن اديبن جا خط)
3. شيخ اياز (جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي)

(هڪ ادبي خط شامل ڪيو وڃي ۽ ان جي چونڊ وقت شاگردن جي دلچسپي، ادبي ۽ تربيتي پهلوءَ کي ضرور آڏو رکيو وڃي)

**8. نظم جو ڀاڱو**

1. شاهه لطيف (حمديہ بيت) (سر سارنگ مان چونڊ بيت)
2. ميان سرفراز ڪلهوڙو (ڀلا ڄام) (نعت) (چونڊ بند)
3. سچل سرمست (مارئيءَ جا بيت: ساٽيهه جي سڪ)
4. سامي (مايا)
5. سيد ثابت علي شاهه (مرثيو)
6. عبدالحسين سانگي (غزل)
7. ڪشنچند بيوس (فطرت جا منظر)
8. محمد صديق مسافر (فطرت جا نظارا)
9. حيدر بخش جتوئي (درياهه شاهه) (چونڊبند)
10. شيخ اياز (غزل)
11. طالب المولىٰ (ڪافي)
12. عبدالڪريم گدائي (قومي نغمو)
13. احسن الهاشمي (غزل)
14. نياز همايوني (نظم/گيت)
15. تنوير عباسي (گيت)
16. اُستاد بخاري (پورهئي جي عظمت)
17. امداد حسيني (نظم)
18. شمشيرالحيدري (نظم)
19. غلام احمد نظامي / رشيد لاشاري (اسلامي اتحاد)
20. مريم مجيدي (غزل)
21. ڪو بہ هڪ مزاحيہ نظم
22. لوڪ ادب جي ڪابہ هڪ شاعراڻي صنف (سانوڻ فقير)

**9. نوٽ:** (شاهه عنايت رضوي ۽ مصري شاهه کي ٻارهين درجي ۾ ڏنو ويو).

**10. گرامر / انشائيہ**

1. جملي جي گرامر موجب ترڪيب ۽ ڇيد ڪرڻ
2. فاعلي ۽ مفعولي جملن ۾ فرق ڪرڻ
3. ٻٽي معنائن وارن لفظن جو استعمال
4. تجنيس حرفي خطي ۽ تجنيس تام ۾ فرق ڪرڻ
5. علم بيان جي بنيادي اصطلاحن - تشبيهہ، استعاري، ڪنايي ۽ مجاز مرسل جي وصف
6. اشتقاق ڪرڻ
7. شعري اصطلاحن (سِٽ، شعر، مصرع، بند، مطلع، مقطع، قافيو، رديف) جي وصف

8. مبتدا ۽ خبر جو فرق ۽ ڄاڻ
9. زمان، انهن جا قسم ۽ استعمال
10. روزمره جي عام وهنوار ۾ ڪم ايندڙ لفظن ۽ محاورن ۾ ڪم آيل غلط فقرن ۽ جملن جي درستي
11. هيئت جي لحاظ کان مختلف شعري صنفن، غزل، گيت، نظم ۽ ڪافي وغيره ۾ فرق سمجهڻ
12. بيهڪ جي نشانين جو درست استعمال
13. تحرير جي مختلف انداز بيان، عبارت (ادبي، صحافتي، دفتري، قانوني، ٽيڪنيڪي) ۾ فرق ڪرڻ
14. مڪالمو ۽ ڪارگذاري (روئداد) لکڻ
15. ڪهاڻي لکڻ
16. مضمون
17. خط (رسمي/ غير رسمي)
18. پنهنجا خيال تحرير جي مختلف اندازن ۾ لکي سگهڻ

## درسي ڪتابن جي تياري

1. سبقن جي چونڊ دوران سنڌ جي ديني، تعليمي، علمي، تاريخي، سياسي، سماجي ثقافتي ۽ معاشرتي شخصيتن کي شامل ڪيو وڃي ۽ سنڌ جي مشهور تاريخي ماڳن ۽ جاگرافيائي اهميت وارن شهرن بابت ڀرپور معلومات ڏيڻ جي ڪوشش ڪجي.

## تعليمي سرگرميون

1. شاگردن جي لساني مهارتن ۾ پختگي پيدا ڪرڻ، اظهار ۽ ابلاغ/ پرچار جي واڌ ويجهه ۽ تخليقي ۽ انفرادي اسلوب اختيار ڪرڻ لاءِ موقعا مهيا ڪرڻ ضروري آهن. استاد، جن تعليمي سرگرمين جو ڪلاس ۾ اهتمام ڪندا، تن جو ذڪر، درسي/ نصابي ڪتابن جي مشقن ۾ سنڌيءَ ريت موجود هجي، مثال طور: مڪالما، گروهي بحث، ٻارن جي ڪورٽ، انٽرويو ڪرڻ، قلمي دوستي، تمثيل ۽ ڊراما / ناٽڪ، تحريري چٽاڀيٽي، (آڪاٽي، ٽوٽڪو، ڳجهارت، ٽيبلو، مڪالمو، بيت بازي، ٽُڪ بندي، مضمون، مزاحيه خاڪا، مضمون نويسي، خوشخطي)، ڪلاس ۾ مذاڪرا، ڳالهه ٻولهه، تقرير يا مختلف مضمونن ۾ سنڌيءَ سان لاڳاپيل تقريرون وغيره، جن ۾ شاگردن جا مشاهدا، ڪتابن ۽ رسالن بابت راءِ وغيره شامل هجي.

## تدريسي مددي شيون

(1) شاگردن ۽ شاگردياڻين کي تعليم ۽ تدريس جي عمل ۾ شريڪ ڪري ٿو.

1. شاگردن کي صحيح اُچار، لب ۽ لهجي سيکارڻ لاءِ ٽيپ رڪارڊر ۽ لساني لئبارٽريءَ (Language Laboratory) جو استعمال تمام ضروري آهي. ڳوٺاڻن اسڪولن کي انهن مددي شين مان لاڀ پرائڻ جو موقعو ضرور ڏيڻ گهرجي ان ڏس ۾ سينٽر اسڪول کي هڪ ٽيپ رڪارڊر ۽ ڪمپيوٽر مهيا ڪيو وڃي، جيڪو واري واري سان اسڪولن ڏانهن موڪلي سگهجي ٿو. درسي ڪتابن جي تياريءَ سان گڏ آڊيو ٽيپ، وڊيو سي ڊيز/ ڊي وي ڊيز به تيار ڪيون وڃن، جنهن ۾ مثالي خواندگي، اُچار ۽ ٻيون لساني مشقون شامل هجن.
2. درسي ڪتابن ۾ ريڊيو ۽ ٽي - وي جي نشريات ٻڌڻ، اُن تي تبصري ۽ ڳالهه ٻولهه جون مشقون ۽ هدايتون شامل ڪيون وڃن.

# اُستادن جي سِکيا

هي تعليمي نصاب نئين انداز (Interactive Approach) سان مهارتي پهلوءَ تي تيار ڪيو ويو آهي. انڪري ان ڳالهه جي ضرورت محسوس ڪئي وڃي ٿي تہ استاد صاحبن کي تدريس جي نئين امتزاجي طريقي (Interactive Approach) کان واقف ڪيو وڃي.

# اُستادن جو رهبر

1. استاد کي اها ڄاڻ هجي تہ ڪنهن خاص سبق کي ڪهڙي مقصد لاءِ نصاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي ۽ ان سبق جي سکيا جي حاصلات (SLO) ڪهڙي آهي.

# جائزو ۽ امتحان

سنڌي سکيا ۾ معروضي آزمائش تي بہ خاص ڌيان ڏنو وڃي. مضموني طرز جو امتحان لاڳيتي ۽ ڳانڍاپيل اظهار بيان جي جائزي لاءِ ضروري آهي تہ ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ شاگردن جي سکيا جو جائزو ضرور وٺڻ گهرجي ڪجهہ ڳالهيون معروضي آزمائش جي مدد سان جاچيون وڃن ۽ باقي انشائي مضموني جوابن وسيلي.

## سنڌي ٻوليءَ جي نصاب (IX - X) لاءِ نظرثاني ڪاميٽي

| | | |
|---|---|---|
| 1. | **پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا** | چيئرمئن |
| 2. | **محترم دلشاد احمد ڏيتو** | **ميمبر** |
| 3. | **محترمہ سلمىٰ راڄپر** | **ميمبر** |
| 4. | **محترمہ تحسين ڪوثر انصاري** | **ميمبر** |
| 5. | **محترم اياز -اي- ٽِنو** | **ميمبر** |
| 6. | **محترم ذوالفقار ٻهڻ** | **ميمبر** |
| 7. | **سيد غلام اڪبر شاهہ نمائي** | **ميمبر** |
| 8. | **محترم محمد ادريس جتوئي** | **ميمبر/ سيڪريٽري** |